# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريہ 2005

# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 2005

# سنڌ ٽرانسفيوزن آف سيف بلڊ (ترميم) آرڊيننس، 2005

# THE SINDH TRANSFUSION OF SAFE BLOOD (AMENDMENT) ORDINANCE, 2005

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1997 جي سنڌ ايڪٽ نمبر I جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh Act No.I of 1997

3. 1997 جي سنڌ ايڪٽ نمبر I جي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of section 6 of Sindh Act No. I of 1997

4. 1997 جي سنڌ ايڪٽ نمبر I جي دفعہ 9 جي ترميم
Amendment of section 9 of Sindh Act No. I of 1997

# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريه 2005

# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 2005

# سنڌ ٽرانسفيوزن آف سيف بلڊ (ترميم) آرڊيننس، 2005

# THE SINDH TRANSFUSION OF SAFE BLOOD (AMENDMENT) ORDINANCE, 2005

[06 سيپٽمبر، 2005]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ٽرانسفيوزن آف سيف بلڊ ايڪٽ، 1996 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ٽرانسفيوزن آف سيف بلڊ ايڪٽ، 1996 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ٽرانسفيوزن آف سيف بلڊ آرڊيننس، 2005 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. سنڌ ٽرانسفيوزن آف سيف بلڊ ايڪٽ، 1996 ۾، هن کانپوءِ دفعہ 5 ۾، ڄاڻايل دفعہ (1) ۾ ڄاڻايل ايڪٽ جي حيثيت سان حوالو ڏنو ويو، شق (i) جي لاءِ هيٺ ڄاڻايل کي تبديل ڪيو ويندو:-

(i)سيڪريٽري سنڌ حڪومت
هيلٿ ڊپارٽمينٽ ........... چيئرمين

1997 جي سنڌ ايڪٽ نمبر I جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh Act No.I of 1997

3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾ دفعہ 6 ۾ شق (f) کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل نئين شق داخل ڪئي ويندي :-

"(ff) رت يا ان جي شين جي منتقلي جي لاءِ غيرقانوني طور تي استعمال ٿيڻ واري ڪنهن بہ احاطي کي سيل ڪرڻ" يا ڪو بلڊ بينڪ جيڪو هن ايڪٽ جي دفعات جي مطابق ڪم نہ ڪري رهيو هجي.

1997 جي سنڌ ايڪٽ نمبر I جي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of section 6 of Sindh Act No. I of 1997

| | |
|---|---|
| 4. جاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 9 ۾، الفاظ ”ہہ سال“ جي لاءِ لفظ ”ٽي سال“ کي تبديل ڪيو ويندو. | سنڌ 1997 جي ايڪٽ نمبر I جي دفعہ 9 جي ترميم Amendment of section 9 of Sindh Act No. I of 1997 |

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**